






# عشق اياٽو

(شاعري)

جاويد جوکيو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب نمبر 45**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | عشق اياڻو |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | جاويد جوکيو |
| مرتب: | وحيد جوکيو |
| ڇاپو پهريون: | فيبروري 2017 |
| ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: | آفتاب احمد هنگورو |
| ٽائيٽل: | شاهزيب ميمڻ |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

03003513966

**مُلهہ: 100 روپيا**

***IShq Ayano***

(***Poetry***)

***By: Javed Jokhio***

***Sambara Publication Hyderabad***

***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.



عشق اياڻو

# ارپنا

پنهنجي اندر جي احساس،
اڌمن ۽ وڇوڙي جي
جون جهڙي ساڙيندڙ ڏينهن ۽
جنوري جي سرد راتين جهڙين ڪيفيتن کي
لفظن ۾ پوئڻ جي هن ڪوشش کي
پنهنجي محبوبہ ۽ وني جي
نانءُ ڪيان ٿو

**جاويد جوکيو**

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”عشق اياڻو“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب شاعر، ليکڪ ۽ مضمون نگار **جاويد جوکيي** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هونئن ته جاويد پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پاڻ کي سگهاري مضمون نگار ۽ بهترين نثرنويس طور پاڻ مڃرائي چڪو هو پر سندس تخليق جو هڪ پيو شاعريءَ وارو پاسو الائي چو هميشه اوجهل رهيو، هن جتي پنهنجي ڪالمن ۾ داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن کي بنا ڊپ ڊاءَ جي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اتي سندس ڪوتائون به رومانوي رنگن سميت معاشرتي پيچ ڏاهه ۽ ڏاڍ جبر خلاف آواز جو انوکو نمونو پيش ڪن ٿيون، هو جتي ڌرتيءَ تان پاڻ وارڻ لاءِ بيتاب نظر اچي ٿو، اتي سرتيءَ جي سونهن ۾ سندرتا جا به گڻ ڳائيندي نه ٿو ٿڪجي.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





## پبلشر نوٽ

مڏ پريل اکڙين ۾ انيڪ سپنا سجائي هلندڙ ذات ڏٽيءَ جي سوچن جي ولوڙ جو پتو تڏهن پوي ٿو جڏهن تخليقي عمل جا پيرا حساس دل جو سينو چيري اهڙي ماڳ تي رسائين، جتي خاص طور ٻين ڪاڻ جيئڻ جو فلسفو زندگيءَ جي معنويت سان آشنا ڪري ۽ جاويد جوکئي واقع ايئن ڪري ڏيکاريو. جاويد جوکيو پل جان اسان وچ ۾ نه رهيو هجي، پر سندس تخليقي رنگن جي مهڪ هزارين دلين ۾ واسيل آهي. هونئن ته جاويد پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پاڻ کي سگهاري مضمون نگار ۽ بهترين نثرنويس طور پاڻ مڃرائي چڪو هو پر سندس تخليق جو هڪ پيو شاعريءَ وارو پاسو الائي چو هميشه اوجهل رهيو هن جتي پنهنجي ڪالمن ۾ داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن کي بنا ڊپ ڊاءَ جي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اتي سندس ڪوتائون به رومانوي رنگن سميت معاشرتي پيچ ڏاهه ۽ ڏاڍ جبر خلاف آواز جو انوکو نمونو پيش ڪن ٿيون، هو جتي ڌرتيءَ تان پاڻ وارڻ لاءِ بيتاب نظر اچي ٿو اتي سرتيءَ جي سونهن ۾ سندرتا جا به گڻ ڳائيندي نه ٿو ٿڪجي.

ڏٺو وڃي ته پنهنجي قول ۽ فعل تي ثابت قدم رهندڙ ڪالم نگار ۽ شاعر جاويد جوکيو جو قلمي پورهيو رائيگان نه ويو آهي، سندس سوچ ۽ اميد جو تسلسل ٻين ٽائين منتقليءَ جي مرحلن طرف روان دوان آهي ۽ اهڙي ئي سوچ تحت سمبارا پبليڪيشن پاران جاويد جوکئي جي وڇوڙي بعد شخصيت ۽ خدمتن جي اعتراف ۾ ”هاءِ هنيلا هوڏي پريتم“، ڪالمن جي ڪتاب ”غلطي معاف“ ڪانپوءِ سندس شاعريءَ جو هي پهريون ۽ آخري مجموعو ”عشق اياڻو“ کي منظر عام تي آندو ويو آهي. ته جيئن سندس شخصيت ۽ تخليقي عمل جا مڙئي پاسا روشناس ٿي محفوظ هٿن تي رسي سگهن.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**

# پنهنجي پاران

ذهن مندر ۾ يادن يا گهنڊ ان وقت وڄي پيا، جڏهن سوچن جو سمنڊ جوڀن جي مستيءَ ۾ تيز ڊوڙ ڪانپوءِ ساڻو ٿي ڪنهن الهڙ ڪامڻي وانگر ماٺ جي مانڊاڻ ۾ وڃي چڪو هو.

اهو سلسلو تہ ياد نہ ايندڙ وقت عرصي کان هلندو پيو اچي، گذريل رات تہ ڪجهہ عجيب انداز سان گذري سالن جي سورن بہ اچي ڪڙو ڪڙڪايو، دردن ايئن اچي جمع ٿيڻ شروع ڪيو، جيئن ڪنهن ڳوٺ جي ويڙهي واري مسجد ۾ آذان ملڻ ڪانپوءِ ٻار توڙي جوان ۽ پوڙها وضو ڪري ڪجي جي پنن مان ٺهيل ٽوپيون پائي نماز لاءِ گڏ ٿيندا آهن.

تنهنجي پاران مليل گهاوَ ايئن اچي نڪتا جيئن اڪثر ڳوٺاڻا ٻار گهر ۾ رکيل ان جي گنديءَ مان لڪي لڪي آن ڪڍي ايندا آهن.

پنهنجاپ جڏهن اوپرائپ ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، تڏهن دنيا جون رنگينون گگهہ اوندهہ جي قبضي ۾ اچي ويندون آهن، ان وقت اڪيلائپ ۾ مار سياهہ جهڙا پوائتا ويچار الهامي طرح نازل ٿيندا آهن. وقت جو وهڪرو ٽِياسن تي ٽنگيل محسوس ٿيندو آهي، اهي سموريون ڪيفيتون تنهنجي منهن مَٽڻ ڪانپوءِ منهنجي من ۾ احساسِ محرومي پيدا ڪري ويون هيون.

پر هاڻي آءُ ڏرتيءَ تي ڪِريل سڪل پن وانگر ٿي پيو آهيان، جيڪو موسمن سان ٽڪر ڪائي پِيلو ٿي چِٽي پيو هجي، بس! هوا جي رخ تي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تي هلندو رهندو آهي، بنا خواهش جي، نہ بهار لاءِ بيقرار ۽ نہ خزان کان خوفزدهہ ٺيڪ آهيان. ان حال ۾ راضي آهيان، پر اي منهنجا محبوب منهنجي مرڻ ڪانپوءِ منهنجو منهن ضرور ڏسجاءِ، ڇو جو منهنجي منهن تي لکيل تحرير تو ڪانسواءِ ڪو پيو پڙهي نہ سگهندو.

تون ناهين تہ بي معنيٰ
ڇالاءِ جيئان جانان!

**جاويد جوکيو**





# مهاڳ

## صبح جي پهر جهڙي شاعري...!

انهي ڪان ڪو بہ انڪار نٿو ڪري تہ شاعري اندر جو آواز آهي، پر ان آواز کي ڪو ڪوي سٺي نموني سان ورنائي سگهي ٿو تہ وري ڪو ڪوي ان آواز کي انهي الڳ آواز ۾ ورنائي ناهي سگهندو، جيئن هر گل جي پنهنجي منفرد خوشبو هوندي آهي بلڪل تيئن هر شاعر پنهنجي خوبصورت خيالن وسيلي سڃاتو ويندو آهي، موجوده ٿهي جيڪا اڄا شاعري جي ميدان ۾ نيون وکون کڻي پئي ان کان ڪجهہ اڳ واري ٿهي کي غور سان پڙهون تہ ڪوڙ سارا نالا اچي وڃن ٿا، انهن جي شاعري ۾ عجيب حسناڪي آهي، اها ئي ٿهي تہ اتساهہ جو نئون پيغام آهي، انهن ستارن جي طويل قطار ۾ هڪڙو ستارو جاويد جوکيو بہ آهي، جيڪو شاعري ۾ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو.

شاعري اندر جو آواز تہ رهي آهي پر ان ۾ انهن دکن دردن جون ڪهاڻيون بہ شامل رهيون آهن، جيڪي درد سماج جو پيڙهيل ماڻهو پوڳيندو رهيو آهي، شاعر حساس هوندا آهن، انهي جي ڪري ئي اهي ٻين جي پيٽ ۾ نہ صرف وڌيڪ محسوس ڪندا آهن پر جڏهن بہ هنن جو روح رتوڇاڻ ٿيندو آهي تڏهن اهي لکندا آهن، شاعري جي اهيا ئي خوبصورتي هوندي آهي جو اها هر دل جو آواز محسوس ٿيندي آهي، هزارين مصروفيتن باوجود شاعر لکندا آهن، شاعرن جي ڪيفيت تہ هميشہ اهڙي ئي هوندي آهي جيئن محمد علي جروار لکيو تہ:

**اڪيلو ڪوي حالتن جو پہ واٽو**
**ڪويتا لکي يا ڪمن کي سنڀالي**
**هجي ڪو سهارو پناهون بہ آٽي**
**خوشين کي سنڀالي غمن کي سنڀالي**

اهڙين حالتن ۾ هڪ حساس شاعر ڪيئن ٿو لکي اها پيڙا تہ اهو ئي ٻڌائي سگهي ٿو شاعري جو تسلسل صدين کان هلندو پيو اچي،

جاويد بہ سالن کان ٿيندڙ ان شاعري جو تسلسل آهي، سائين عاجز اڇڻ لکيو هو تہ:

**ستم ڪيستائين، ظلم ڪيستائين**
**اجان سنڌ سهندي زخم ڪيستائين**
**اجان ڪيسين مظلوم بي ڏوهہ مرندا**
**۽ جابر جا ڏِکبا جرم ڪيستائين**

اسان کي اهڙو خوبصورت اظهار جاويد جوکيو جي شاعري ۾ بہ ملي ٿو:

**پيار تي پهرا ڪيسيتائين،**
**گهاوَ هي گهرا ڪيسيتائين.**
**ڏاڍ ڪان ڏاڍا ڏڍ مليا هن،**
**هيسل چهرا ڪيسيتائين.**

جاويد جوکيو هيڻن جو آواز آهي، هن جي شاعري ۾ مرندڙ مورن جون پڪارون آهن، ٿر جي ٿوهرن جو درد آهي تہ وري رڻ ۾ ٿرندڙ رات جي ڳالهہ بہ آهي، سندس شاعري ۾ صبح جي پهرين پهر جهڙي خوبصورتي آهي، هي ان ٿهي جو شاعر آهي جيڪا ٿهي پنهنجي الڳ سڃاڻپ انهي ڪري بہ رکي ٿي جو هن ٿهي محنت وسيلي شاعري جي دنيا ۾ نوان گس ڳوليا آهن، هنن پنهنجي سڃاڻپ لاءِ سچائي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، جاويد توڙي جو وچوڙي جو ورلاپ ڏئي ڪڏهوڪو مٽي اوڍي سمهي پيو آهي پر سندس لکيل ڪالم ۽ شعر جاڳن ٿا.

هن دنيا ۾ جيئندڙ ماڻهو جياپي ڪاڻ الائي تہ ڪيترا رنگ ۽ روپ ڌاريندا آهن، ڪٿي ڪو گمنامين ۾ گم ٿي نين رونقن کي ڳوليندو آهي، ڪو مندر آباد ڪندو آهي، ڪو مسجدن ۾ سجدا ادا ڪندو آهي تہ ڪو وري مئيخاني ۾ پاڻ وڃائيندو آهي، ڪو مقتل اکين ۾ سجائيندو آهي تہ ڪو وري اسيري لئہ هليو ايندو آهي بلڪل ايئن جيئن فياض چنڊ ڪليري لکيو هو:

**اسيري جا عادي بہ ايندا هلي**
**تون مقتل اکين ۾ سجائي تہ ڏس**





اکين ۾ مقتل سجائيندڙ ماڻهن جي دلين کي درد آشنائي وارو هنر ايندو هجي يا نہ پر جيڪي اسيري جا عادي هوندا آهن انهن جي دل درد سان پريل هوندي آهي، اهي تہ پاڻ ماريندا ۽ جياريندا بہ آهن، جيئن جاويد چوي ٿو

**سچو روپ دنيا جو ڏاري ڏنوسي،**
**پنهنجو پاڻ ماري ۽ جياري ڏنوسي**

زندگي تلخ تجربن جو نالو هوندي آهي، زندگي تہ ان وڻ وانگر بہ هوندي آهي جنهن کان خزائون پن بہ کسي وٺنديون آهن پر زندگي تہ ان وڻ وانگر بہ هوندي آهي جيڪو گهاٽي ڇانءُ ارپيندو آهي، زندگي جي انهن ئي لمحن ۾ ماڻهو جيئڻ جا جتن ڪندي درد اظهاريندو آهي، جاويد جي شاعري بہ انهي پيڙاءُ جو اظهار آهي جنهن ۾ لڙڪن جا سمنڊ آهن، انهن ۾ سڏڪن جون خاموش صدائون بہ آهن، جاويد جي شاعري رڳو ڪنهن هڪ صنف تائين محدود ناهي پر هن انيڪ صنفن تي نہ صرف لکيو پر ان سان ڪمال جو نياءُ بہ ڪيو آهي، هينئر جڏهن انيڪ شاعر ڪافيون نٿا لکن . هونئن بہ ڏسجي تہ ماضي ۾ انيڪ شاعرن ڪمال جون ڪافيون لکيون آهن، جاويد جوکيو بہ شاعري ۾ جتي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي اتي وري هن ڪافيون بہ لکيون آهن، سندس شاعري ۾ خوبصورتي تہ آهي پر هن سٺي نموني سان نياءُ پڻ ڪيو آهي، سندس هن ڪافي کي ڏسو:

**سدائين دل جو درد بڻيو آ،**
**جڏهن پي ڪوئي ساز ڇڙيو آ.**
**هو ڌرتيءَ لاءِ دلداري هو**
**پر هت،ڪو نہ بڻيو درباري هو**
**ڏوهہ انهيءَ تي چڪيا چڙهيو آ.**

اها بي ڳالهہ آهي جو ڪٿي ڪٿي ڪا سٽ بحر وزن ۾ ٽٽي ويندي هوندي پر ان هوندي بہ جاويد جي شاعري انيڪ خوبصورتين سان پريل آهي، سندس نظم بہ حسناڪي جو نمونو آهن، سندس شاعري اميد جو اتساهہ آهي ۽ ان ۾ مزاحمت بہ آهي، سندس هي نظم بہ سراپا مزاحمت آهي

آءُ ڄاڻان ٿو توکي
تون
اقتدار
جي حَوَس لاءِ
قوم پرستيءَ جا پوز هڻي رهيو آهين
توکي
خبر هئڻ گهرجي
هيءَ ڌرتي محبت جي ڌرتي آهي
ڇا توڳن اسان جي
محبتن جي موت ڏئي
سگهندين؟؟؟!
اسان کان تہ
اڃا
تنهنجي نانگ
جي هٿان سونهن ديويءَ خانہ
گگوش جو ئي بي ڏوهہ قتل
وارو واقعو
وسري نہ سگهيو آ

جاويد جوکيو جو هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن پاران پياري ساجد سنڌي جي ئي ڪوشش سان جاويد جي سالگرهہ تي ڇپجي پيو، مونکي پڪ آهي تہ ان خوبصورت تحفي تي جاويد جو روح ضرور خوش ٿيندو هوندو، اميد اٿم تہ هي ڪتاب ضرور مڃتا ماڻيندو

حبيب لغاري
حيدرآباد





## ڪروءِ سچو ماڻهو...!

سنڌ اُها خوشنصيب ڌرتي آهي، جنهن جي ڪُک مان ڪيترن ئي انمول ماڻهن جنم ورتو آهي. اُنهن ماڻهن جي سچاٽپ سندن ڪردار، دليري، سچائي ۽ ايمانداري ٻڌي آهي. توڙي جو اُهي ماڻهو هاڻ اسان ۾ موجود ناهن رهيا، تڏهن بہ هميشہ گڏ گڏ محسوس ٿيا آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ اُهي ماڻهو اڄ بہ زندهہ آهن. اهڙن خوشنصيب ماڻهن مان جاويد جوکيو بہ هڪ آهي. هُو هميشہ خوش اخلاق ۽ غريبن جو همدرد رهيو. هن سنڌ جي سورن تي قلم کنيو، هن ڪڏهن بہ ٻاٿرن جي داٻ دٻڍٻي اڳيان پاڻ نہ جهڪايو، هن صحافت جي دنيا ۾ پڻ پاڻ مڃايو.

جاويد جوکيو جو جنم پهرين فيبروري 1971ع ۾ عطا محمد جوکيو جي گهر ۾ ٿيو. سندس والد بہ هڪ ايماندار انسان هو، هو درزڪو ڪم ڪري پنهنجن ٻچن کي پيٽ پاليندو هو، هن جاويد کي بہ مئٽرڪ تائين تعليم ڏياري، ان بعد جاويد پنهنجي مدد پاڻ تحت وڌيڪ تعليم پرائي. 2007ع ۾ جاويد جو والد بہ جهان ڇڏي ويو تہ سڄي گهر جي ذميواري جاويد سنڀالي، جاويد جي امڙ تہ 1996ع ۾ ئي لاڏاڻو ڪري وئي هئي، والد جي وفات بعد سموري گهر جي ذميواري جاويد سنڀالي، 1990ع ڌاري جاويد کي واپڊا ۾ نوڪري ملي هئي، هن نوڪري سان گڏ صحافت کي بہ جاري رکيو، رات ڏينهن محنت ڪري هُن پنهنجن ٻارن جو پيٽ تہ پاليو، پر اُن سان گڏوگڏ هن پيٽن ۽ ڀائرن کي خوشيون ڏيڻ لاءِ وسان ڪونہ گهٽايو. هُو پنهنجن ڀينرن ۽ ڀائرن تي ساهہ نڇاور ڪندڙ شخص هو، هن ڀينرن ۽ ڀائرن جون شاديون بہ ڪرايون. جاويد پنهنجي ڪامياب زندگي گذاري، هُن کي سٺي ۽ نيڪ گهرواري مان ٽن ٻارن جو اولاد بہ ٿيو، جن ۾ هڪ نياڻي ۽ ٻہ پٽ شامل آهن.

جاويد جوکيو صحافت جي ميدان ۾ 1996ع ۾ آيو، هُن ڪيترائي ڪالم لکيا، سندس ڪالم غلطي معاف جي عنوان سان شايع ٿيا تہ انهن

وڏي مجتا ماڻي، صحافت ۾ قدم رکڻ بعد، هُن جڏهن سچ لکيو تہ ڪيترائي سچ دشمن سندس ويري بڻجي. پر، هن هڪ قدم بہ پوئتي نہ هٽايو، ڌمڪين ۽ خطرن باوجود هن سچ لکيو. سندس هميشہ اهو چوڻ رهيو تہ منهنجي زندگي جيتري مقرر هوندي، اوتري ئي ملندي، آئون بزدل ٿي نہ جيئندس. هي تہ اهو ئي شخص هو، جنهن مدئجي ۾ پريس ڪلب جو بنياد وڌو، هو سڄو ڏينهن نوڪري ڪندو هو تہ شام جو پنهنجون صحافتي خدمتون سرانجام ڏيندو هو. هن جتي مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪيو، اتي هن ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر طور پنهنجون ذميواريون بہ نڀايون. 2010ع واري ٻوڏ دوران هن پڙ هن خطي جي ماڻهن جو آواز ايوانن تائين پهچايو، هو حساس دل ماڻهو هو، ان سان گڏ پيار ڪندڙ شخص بہ هو، ۽ هہ بهترين شاعر بہ هو، هن پنهنجن جذبن ڪي قلم وسيلي عوام تائين پهچايو، سندس هي شاعري جو ڪتاب ”عشق اياڻو“ نہ صرف هن جي دل جي دکن دردن جي ڪهاڻي آهي، پر هو هن شاعري ۾ اسان سڀني جي دل جي ترجماني ڪري ٿو.

مهناز بلوچ





## غزل

مرڪي هو جي ملندي آهي،
ڏاڍو دل کي وڻندي آهي.

پوڳن ۾ هو منهن گهنجائي،
من ئي من ۾ ڪلندي آهي.

سڪ جو چيڙي ساز چپن ۾،
دل ۾ گد گد ٿيندي آهي.

آخر هتڙي سپ جي ساجن،
نيت تہ نِپجِي ويندي آهي

سالن ڪان جو سڪ آ ساڙيو،
دل بہ تڏهن ئي جلندي آهي.

وقت اويلو آئون اڪيلو،
ڏاڍي دل هي لچندي آهي.

آءُ اڪين مان، جام پري ڏي،
پياس اهائي رهندي آهي.

❋

## غزل

ڪيڏو پيو ٿا پاڻ پڏايون،
تنهنجي آڏو ڪجهہ پيو ناهيون.

نيڻن جي چوڪنڊي ۾ ڦاسي،
پاڻ ڪيون ٿا تنهنجون پڇائون.

پنهنجي ملڪيت تون ئي آهين،
تانگهن تولئہ يار نگاهون.

پڇري ويندس تون جي روئنديَن،
تنهنجي سهاري زنده آهيون.

ناهہ جفا من منهنجو شيوو،
پاڻ ٿيندیون ڪونہ جفائون.

ماٺهو واري جي مُٺ وانگر ٿئي،
جاويد نہ ڪر ڳالهيون اجايون.

❊





## غزل

جيون درديلو ڪلام آ،
چڻ مڪلي جو مقام آ.

جوين چٽي جي چانءُ ۾،
چڙواڳ من جو نظام آ.

سونهن ڪي هي سير سدائين،
سدا جهڪي ڪندو سلام آ.

ڪنهن جي نظر لڳي ويس،
وائڙي ڪراچيءَ شام آ.

فڪر هو ڦٿڪائي ويو،
هاءِ! ديس ڏٺي غلام آ.

هاڻي وطن يا ڪفن گهرجي،
هي اندر جو الحام آ.

مرسون تہ بہ سنڌ نہ ڏيسون،
هوشوءَ اهو پيغام آ.

پَلَوَ پراڻا نہ ٿيندا،
ڏس هر گهر هُل شام آ.

هيءَ نصيبن ماري جند،
پٿائي تنهنجي سامَ آ.

جاويد نام لکي ڇڏيو،
ڪئي بغاوت سرعام آ.

❊

## غزل

عشق بي پرواهہ آهي،
ها اهو ئي ها الله آ.

صاف صوفين آ سچاتو،
ٿي ويو ويساهہ آهي.

دل جي ئي ايوان ۾ اڄ،
پاس ٿيو ٺهراهہ آهي.

ٿي پيو آخر نشابر،
چريو ڪيڏو چاهہ آهي.

سورہ سورائن تي ئي،
اڄ اسان جي ڪاهہ آهي.

منهن تي آ مرڪ سجايل،
من اندر آڙاهہ آهي.

عشق جاويد ۾ عقل جو،
يار نہ ٿيٺو ٺاهہ آهي.

❊





## غزل

هوءَ اچي پئي،
دل بہ نچي پئي.

من مونجهہ ڪان،
يار بچي پئي.

ڏس وار ويڙهي،
باک ڦٽي پئي.

هن جي ويندي،
عمر ڪُٺي پئي.

منهن مٺائي،
ساهہ سُڪِي پئي.

چنڊ چانڊوڪي،
پاڻ لڪي پئي.

من جي مندر ۾،
ڏيل نچي پئي.

"جاويد" موکي،
هاڻ مِلي پئي.

❊

## غزل

باهہ نئين ٻري اندر ۾ آ،
دل راتاڪون ٻڏتر ۾ آ.

آنءُ وڃانس، يا هِت ايندي،
ڏاڍي اداس ٻڌم! گهر ۾ آ.

ڪنهن ٻيي گل مان ڪونہ اچي ٿي،
خوشبوءِ جا پيار پڌر ۾ آ.

رات جو سو پيئڻ ۾ ڪاٿي،
مزو جيڪو پرهہ پهر ۾ آ.

ٿس ڳل تي گرمي جو داڻو،
چڻ ڪنول تڙيو ڪينجهر ۾ آ.

ڳالهہ لڪايم ڪيڏي جڳ کان،
جاويد هُلي وئي تر ۾ آ.

❊





## غزل

چوتہ نڙي ۾ اٽڪن پيا ٿا،
لفظ ويچارا ڦٿڪن پيا ٿا.

پل جان دور گذارن ساٿي،
پوءِ بہ منهنجا سڏجن پيا ٿا.

پاڻ تہ سادا صوفي آهيون،
ماڻهو ڇا ڇا سمجهن پيا ٿا.

جيون جي نٿهڻ اُس ۾،
ڏک جا شيشا چمڪن پيا ٿا.

پيار پرين اوهان سان آهي،
لفظ چٺيءَ ۾ لڪجن پيا ٿا.

ڪوڙي موٽ معاشري جي آ،
"جاويد" سپ سور سجهن پيا ٿا.

❊

## غزل

لڙڪ ڪي مرڪ ۾ بدلائبو،
ساءَ ڪي سرڪ ۾ بدلائبو.

عشق ۾ ڪو ٻيو چالڪ شريڪ،
ايمان ڪي نہ شرڪ ۾ بدلائبو.

آزمائي نہ توکي او پرين،
پيار ڪيئن پرک ۾ بدلائبو.

ديس ڏيئي ۾ رت ساري وجهي،
ٻاڻ ڪي جرڪ ۾ بدلائبو.

ڪانڊ ڏرتيءَ ڪئي آهي اگر،
ڪڪر ڪي برق ۾ بدلائبو.

سر ڏئي سرخرو جاويد ٿي،
ماٺ ڪي تحرڪ ۾ بدلائبو.

❊





## غزل

توسان گهاريل پل،
آهن ياد اجا مومل.

توکان پيار مليو،
ڇڻ ڪا سنڌوءَ ٿل.

پ ٻڏاسين ٻئي،
ياد ٿئي ڪيڏي مهل.

اوسيئڙي اڄ پي،
پنهنجا ساهہ سڪل.

درد لڳن ٿا ايئن،
جيئن ڪا ٻير پڪل.

“جاويد” جيءَ ٻٽيو،
ڇڻ ڪو شهر قتل.

❊

## غزل

سچو روپ دنيا جو ڏاري ڏنوسي،
پنهنجو پاڻ ماري ۾ جياري ڏنوسي.

هئو وعدو گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جو،
پڌڙ مهل سو ٻئي ڪناري ڏنوسي.

ڏنو ساٿ ڪنهنجو ۽ ڪنهن ڪنهنجو ناهي،
مگر پو پي ڪنهن کي پڪاري ڏنوسي.

هجر ڇڻ ته هجرت ڪري آ هلي ويو،
جڏهن نانءُ تنهنجو اچاري ڏنوسي.

سمنڊ يار سارو ويو ڇڻ ته وسري،
اکين ۾ جو تنهنجي نهاري ڏنوسي.

تنهنجي هڪ نظر سان ويا سور سارا،
ڪٽي نيڻ توکي پڪاري ڏنوسي.

خدارا سڏي هاڻي پر ۾ ويهاريو،
گهٽو هيڪلائن ۾ گهاري ڏنوسي.

❊





## غزل

هن عشق ۾ اڌوري ناڪام زندگي آ،
پنهنجي گهٽين ۾ پنهنجي گمنام زندگي آ.

او پوپري گلابي او پره جهڙي ڇوڪري،
تو ساڻ مان جي آهيان هر شام زندگي آ.

جي پيار جا پوڄاري جي سونهن جا سلامي،
چالاءِ تن جي ٿي وئي بدنام زندگي آ.

"جاويد" مون آ سمجهيو هن درد جي نگر ۾،
ڇڻ خواهشن جو ڪوئي نيلام زندگي آ.

❊



12

## غزل

پيار تي پهرا ڪيسيتائين،
گهاوَ هي گهرا ڪيسيتائين.

ڏاڍ ڪان ڏاڍا ڏڍ مليا هن،
هيسل چهرا ڪيسيتائين.

رهزن ٿورو غور ڪر تون،
ماڻهو مهرا ڪيسيتائين.

او درٻاري شاعر تو لاءِ،
داد هي ڌهرا ڪيسيتائين.

سچ جو سج ٻه اڀري پوندو،
گهگهه انڌيرا ڪيسيتائين.

نيٺ ڪڏهن "جاويد" بدلبا،
سور ۽ صحرا ڪيسيتائين.

❊





## غزل

هاڻ دل ۾ حسرتون ناهن رهيون،
چو ته ساجن نفرتون ناهن رهيون.

پاڻ دنيا ڪان پري ٿياسون تڏهن،
دوست ساڳيون محبتون ناهن رهيون.

دل جو ڪنهن وٽ داد ناهي دوستو،
جو پراڻيون قربتون ناهن رهيون.

روز رت جون هوليون آهن هتي،
يا ته تنهنجون قدرتون ناهن رهيون.

دوست مون کي سچ چون "جاويد" ٿا،
هاڻي تو ۾ جُرَتون ناهن رهيون.

❊

## غزل

گوريءَ گجرا ڳالهائن ٿا،
سارا مجرا ڳالهائن ٿا.

پاڻ کي پيرَ سڏائڻ وارا،
تنهنجا شجرا ڳالهائن ٿا.

عَبا قباءَ لکي نہ سگهندين،
مسجد هجرا ڳالهائن ٿا.

جذبا قيدي ڪيئن ڪندي تون،
پيار تي پهرا ڳالهائن ٿا.

تن تي پاتل تنهنجا چوري،
ڪپڙا اجرا ڳالهائن ٿا.

پنهنجا پيي اڄ چالئہ توسان،
جملا اگرا ڳالهائن ٿا.

اڄ ايندي "جاويد" جي سجني،
گهر جا ڪمرا ڳالهائن ٿا.

❊





## غزل

اڪيون پيي احوال ڪنديون هن،
اوڪا اوڪا سوال ڪنديون هن.

مذهب تن جو پنهنجو آهي،
حرام کي بہ حلال ڪنديون هن.

جنهن تي ڪرم هي ڪن ٿيون پيارا،
تنهن کي مالا مال ڪنديون هن.

جي نہ ڏمرجي پون هي ساٿي،
جيئڻ پيي جنجال ڪنديون هن.

ڳل ڳرانيون پائن جڏهين،
"جاويد" يار ڪمال ڪنديون هن.

❊

## غزل

جيون جڻ ڪو ناڻو آ،
محبوبن جو ماڻو آ.

ڌرتيءَ لاءِ جو وڙهيو آ،
سو ئي املهه داڻو آ.

سنڌ سڄڻ سان يارسچو،
پنهنجو پيار پراڻو آ.

هر هڪ سنڌي ماڻهوهت،
ڄڻ تہ مڪڻ جو چاڻو آ.

ديس ڌڻين جا درد ڏسي،
اندر ٿي پيو ڇاڻو آ.

صرف انا ۾ قاتل آ،
ڪيڏو يار اياڻو آ.

چانهہ ۾ بسڪيٽ ٿو ٻوڙين،
تنهنجو خيال ٻاراڻو آ.

ڌرتي نتهڻ اس ٿي آ،
تنهنجي مٿي وهاڻو آ.

❊





## غزل

تنهنجون ئي يادون،
ڪن ٿيون پيون تعديون.

هرپل نيڻن مان،
جاري برساتون.

وسرن ڪو نہ ٿيون،
سونهن پريل ڇاتيون

در جي وِٿين مان،
ڇاتيون تو جهاتيون.

تنها ڪيئن گذاريان،
سياري جون راتيون.

“جاويد” من اندر،
تنهنجون سدا لاتون.

❊

## غزل

سوچون سارون ٿڪجي پيون هن،
نيڻ نهارون ٿڪجي پيون هن.

گل جو چين چورائي ويو ڪو،
ءِ مهڪارون ٿڪجي پيون هن.

عشق تنهنجي ۾ آليون اکڙيون،
لڙڪن لارون ٿڪجي پيون هن.

ڏاڍ سان اٿڪي اٿڪي ساٿي،
پيار پڪارون ٿڪي پيون هن.

”جاويد“ آسون ڇڏ تون لاهي،
شايد بهارون ٿڪجي پيون هن.

❊





## غزل

ساجن تنهنجو الڪو رهي ٿو،
وڏندو دل جو ڌڙڪو رهي ٿو.

ويران دل جي ديول ۾ ڏس،
يادن جو هي لڙڪو رهي ٿو.

ڪاٿي ڪهڙي حال ۾ هوندئين،
پور اهو ئي ڪتڪو رهي ٿو.

سيئي تڪ پڏي ٿا گهورن،
چوري ڇاتيءَ ڇلڪو رهي ٿو.

حياتيءَ هوٽل چانهه چاهت جو،
هر ڪو چکندو چسڪو رهي ٿو.

”جاويد“ ڪنهن سان سور نه سلجانءِ،
پر پٽ ڪلندو هر ڪو رهي ٿو.

❊

## غزل

شوخيءَ جو سلسلو آ،
زندگي ڄڻ زلزلو آ.

هي دنيا تنهنجي سموري،
پنهنجو نہ ڪو پر جهلو آ.

عشق بخشيو ماڻهيو ءِ،
جستجو جو مرحلو آ.

پل جو ناهي ڀروسو ڪو،
ساهہ پاڻيءَ بلبلو آ.

ڪرنہ ڳالهيون هي دلين جون،
عشق آتش جو اُلو آ.

تنهنجي منهنجي لئہ رڳو هت،
مسئلو ئي مسئلو آ.

ڪهڙي ٿيندي ڏس قيامت ،
هر گهٽي گهر واويلو آ.

عشقَ "جاويد" ءِ ڪيو پيٽ،
شهر دل جو ڪوڪلو آ.

❊





## غزل

بند نہ ٿيندا هي مئخانا،
پيار جا آهن هتڙي خزانا.

ساقي تنهنجي درشن ڪارڻ،
آيا هن تنهنجا ديوانا.

جام بہ جهمريون پائيندا هن،
تنهنجي هٿن جا پسي پئمانا.

مسجد مندر ڪائن ٿا ڇڻ،
ٿلهي عقيدي ڪيا ويرانا.

تنهنجي زيارت ساڻ ٿين ٿا،
روح اسانجا تازا توانا.

"جاويد" ڏٺي جا رمز رندانا،
توکي ڪهڙي خبر زمانا.

❊

## غزل

سونهن تي ۽ سنڌ تي ئي گھوربي هي جندڙي،
۽ تنبوري تند تي ئي گھوربي هي جندڙي.

شاهه تنهنجيءَ شاعريءَ ئي مرتبو آهي ڏنو،
بيت وائيءَ بند تي ئي گھوربي هي جندڙي.

سنڌ جون ئي سُورميون هن ماروي سسئي جهڙيون پيون،
ديس جي مُنڌ تي ئي گھوربي هي جندڙي.

ڪيترن سالن پڇاڙان ٿر تي سرهايون پڳيون،
مينهن جي تنهن مند تي ئي گھوربي هي جندڙي.

سنڌڙي منهنجي امان آزاد توکي ئي ڏسان،
چونه ڪاتين ڪنڌ تي ئي گھوربي هي جندڙي.

چين، سک ۽ امن آزادي ضرورت سنڌ جي،
ڌرتيءَ لئه هر هنڌ تي ئي گھوربي هي جندڙي.

❊





## غزل

رات روئي پيا تنهنجا ساٿي هئا،
ياد توکي ڪري رات روئي پيا.

روح ريهان ڪري درد اٿلي پوي،
هاڻي ڪيئن مان ڪيان سور سنگتي ٿيا.

آ رهيو چا رهيو هاڻ مون ۾ متا،
آ ڪري قربڙو ڏينهن منهنجا پڳا.

پيار پڪجي نٿو ساه گهٽجي پيو،
ٿو پيو مان لڇان رات ڏينهن تو سوا.

چو ڇڏيو تو ڇڏيو جو جتي هو ڇڏيو،
اتُ ئي "جاويد" ٿو وينو سوري سڳا.

❊

## غزل

نہ ڪيو پيار آهي مون ڏني آ حاضري تنهنجي،
دعا ڏيان ٿو رهي قائم سدا برتري تنهنجي.

جي ٿي روشن شمع پروانہ ايندا، سڙي پوندا،
سيئي بي موت مرندا جن ڏني آ بي رخي تنهنجي.

اها ٿي پڪ وئي آ مون کي ملندي نيٺ منزل پِي،
ملي وئي جو اٿم اڄ مرڪ ٿي رهبري تنهنجي.

اهو جيئي تہ ڪيئن جيئي ڏس تون ئي ڀلا سائين،
جنهين کي ڪا نہ آ حاصل سچي دلبري تنهنجي.

نہ هان "جاويد" اڄ تائين بہ سالم هوش ۾ مان ٿيو،
چکي آهي جڏهن کان من چپن چاشني تنهنجي.

❊





## غزل

پيار هن معصومَ جي جذبن جي پارت ٿئي،
۽ اکين مان وهندڙ لڙڪن جي پارت ٿئي.

ناز آ توکي حسن سرڪار تي پيارا،
رحم ڪر پرور پرين غلامن جي پارت ٿئي.

حسن جي تون باغ جو آهين متا گلڙو،
پياس ۾ پهتل بي گهر پوئرن جي پارت ٿئي.

گڏ جيئڻ جا ۽ مرڻ جا قول هن توسان،
اا و متا محبوب تن واعدن جي پارت ٿئي.

توکي پوڇو آ خدا سمجهي بقا سمجهي،
تون ئي سڀ "جاويد" جي سجدن جي پارت ٿئي.

❊

## غزل

هان ڪئل تنهنجي ادائن جو صنم،
ها غزالي نيڻ تنهنجن جو قسمُ.

آهي سجدي ۾ تنهين تي آسمان،
جنهن زمين تي ها متا تنهنجا قدمُ.

ڪونہ چمڪڻ چنڊ ڪي آيو پرين،
ٿو ڪري تنهنجي اڳيان شايد شرمُ.

تنهنجي نالي ڪي چمڻ لئہ دلربا،
اڄ ادب مان ٿو جُهڪي منهنجو قدمُ.

تون ئي ڪعبو تون ئي قبلو اي پرين،
ٻيو نہ ڪو "جاويد" جو آهي ڌرمُ.

❁





## غزل

وفا جي ڳالھہ ڪئي مون دوڪا هزار مليا،
عشق ۾ مونکي اهي انعام بار بار مليا.

جتان ٿيندو هو تنهنجو گذر پرين،
اڄ تن رستن تان آهن آزار مليا.

محفل سجائي سپرين تولاءِ،
تو پورا اڇڻ جا نہ اقرار ڪيا.

بدنام ٿياسين جن لاءِ سڄڻ،
اڄ سي ئي اسان ڪان ڌار ٿيا.

ڪَرن سان گڏ توڪي ڪلندو ڏسي،
سور "جاويد" جا ناسور بڻيا.

❁

## بيت

ساري حياتي ساجن جڻ آهي اکپوٽ،
چڙهي وئي چوٽِ، دنيا ۾ دل آزاري.

❉

رات ڀتائيءَ گهوٽ ستي جاڳايو،
درد وڏنِ ڀل چان ٿيئي سور سوايو،
منهن نہ مٽايو، محبتن جي ماڳ کان.

❉

محبتن جي ماڳ کان منهن نہ مٽايو،
عشق ۾ الف کان ٿيو ميمُ سوايو،
اسان جهڪايو، آسير سداعين تي.

❉

توکان پيار مليو، دوست اڻ مليو،
دل جي دفتر ۾، تنهنجو نانءُ لکيو،
وڏي چاهہ ويو، ڀريون دفعو پاڻ سان.

❉





## ڪافي

ٿلهہ:سدائين دل جو درد بڻيو آ،
جڏهن ڀي ڪوئي ساز ڇڙيو آ.

❉

اڏما اڇنگارون ٿا ارپن،
ٿا جذبا ويتا جان جلائن،
مقتل ۾ ڪوئي ڪنڌ ڪپيو آ.

❉

هو ڏرتيءَ لاءِ دلداري هو،
پر هت،ڪو نہ بڻيو درٻاري هو،
ڏوهہ انهيءَ تي چڪيا چڙهيو آ.

❉

هائو رڳون رباب ٿي پيس،
تڏهن تہ دل جي تار ٽٽي ٿيس،
منهنجو ويساهہ ٿي پيو آ.

❉

پيو سنڌ جو قومي هيرو سڏبو،
صاف آزاديءَ جو پيرو سڏبو،
ميرُ زندهہ ‘جاويد’ ٿي ويو آ.

❉

## وائي

چهرو تنهنجو چنڊ مثل،
واسينگن جهڙا ٿئي وار،
رلائي ڇڏئي ڙي يار.
اکڙيون ڄڻ شراب جا پيالا،
مکڙ ويڳي ٿو مينگهہ ملهار،
رلائي ڇڏيئي ڙي يار.
نيڻن کان تہ آهين اوجهل،
دلڙيءَ کان تون ناهين ڌار،
رلائي ڇڏيئي ڙي يار.
پيارا جي هيئي پريت جا پيالا،
اجه بہ آهن تنهنجا خمار،
رلائي ڇڏيئي ڙي يار.
کهڙا لکي آءُ کهڙا لکان،
دلڙيءَ ۾ آهن درد هزار،
رلائي ڇڏيئي ڙي يار.
وِکَ وِکَ تي تو آتڻ پايو،
پوءِ بہ 'جاويد' کي تنهنجي مار،
رلائي ڇڏيئي ڙي يار.

***





## وائي

ڏسين مون کي تون،
چو مرکي پئين.
ڳالهائيندي هڪبئي سان،
پيون هڪبئي زبانون،
چو مرکي پئين
کڏي سوپاري کيسي مان
جنهن توکي ڏني مون
چو مرکي پئين.
تولاءِ ورتيون ريشم گليءَ مان،
پانهه ۾ سي پائي چوڙيون،
چو مرکي پئين.
'جاويد' کيون جيکي تنهنجي نالي،
ڏسي ڊائريءَ ۾ سي وايون،
چو مرکي پئين.

***

## وائي

نيڻن پنهنجا لڙڪ وهائي،
پيار کي بدنام ڪرين ٿو،
اڙي او نادان.
منزل ملڻي ناهي توکي،
چالئہ چڪور پروان ڪرين ٿو،
اڙي او نادان.
دل جا رشتا درد جا آهن،
پوءِ بہ اجا تون سور ڏين ٿو،
اڙي او نادان.
هٿن مان پنهنجو پرين ڦرائي،
پوءِ چالئہ 'جاويد' روئين ٿو،
اڙي او نادان.

***



عشق اياڻو

## وائي

چپ چاپ اڪيلن راهن ۾،
هر ويل ڪنهن کي پڪارين پيو،
اهو ڪير اٿئي جنهن سارين پيو.
جيون کي جنجال بڻائي،
لڙڪ لڪائي آهہ دٻائي،
اها ڪيئن حياتي گهارين پيو،
اهو ڪير اٿئي جنهن سارين پيو.
برهہ جو باتيون روڳي راتيون،
مورن جهڙي من جو لاتيون،
چو ڪانگا روز اڏارين پيو،
اهو ڪير اٿئي جنهن سارين پيو.
چو درد چپائي نيڻن ۾،
'جاويد' پيو مرڪين وٽين ۾،
اها ڪنهن جي راهہ نهارين پيو،
اهو ڪير اٿئي جنهن سارين پيو.

***

## وائي

تون جو ملينءَ زندگيءَ جو،
چڻ باندر کلي پيو آ.
تاحيات ڪافر رهيس پر،
پر ۾ توکي ڏسي بندگيءَ جو،
چڻ باندر کلي پيو آ.
گناهن ۾ گهارڻ جو سبب جڏهن،
خدا خود پڇيو شرمندگيءَ جو،
چڻ باندر کلي پيو آ.
حياتي هزار مسئلا هئي پر،
تنهنجي اکڻ سان ذهني تازگيءَ جو،
چڻ باندر کلي پيو آ.
‘جاويد’ جڏهن ڪان توتي لکيو آ،
قسم آ تنهنجو منهنجي شاعريءَ جو،
چڻ باندر کلي پيو آ.

❊❊❊





## نَولڪا ٽيڙو

١
تنهنجي اکڻ ۾ دير،
توسان ملڻ لاءِ پرين،
ڳالهيون تير پتير.

٢
تنهنجي اکڻ ۾ دير،
چانئٺ تکيان ٿو پيو،
پائي وچ تون پير.

٣
تنهنجي اکڻ ۾ دير،
منهنجو من ويڳاڻو،
ءِ لڳي ڏکڻ هير.

٤
تنهنجي اکڻ ۾ دير،
سدا در تکڻ جي،
پئي اکين هير.

۵
تنهنجي اچڻ ۾ دير،
مکم ڪيئي نياپا،
صبح سانجهي سوير.

۶
تنهنجي اچڻ ۾ دير،
تنها ئي ساڙي پئي،
يادن وسايا تير.

٧
تنهنجي اچڻ ۾ دير،
تکي راهون تنهنجون،
پيار اکين ۾ جهير.

٨
تنهنجي اچڻ ۾ دير،
ڏسي حال منهنجو،
کلن پيا غير.

٩
تنهنجي اچڻ ۾ دير،
"جاويد" جوکيي وسايو،
جان محمد پير.

❊





## نَولکا ٽيڙو

١
تنهنجون سهڻيون اکيون،
ڏسڻ سان ئي منهنجي،
ننڊ ويون کسيون.

٢
تنهنجون سهڻيون اکيون،
ملي منهنجي اکين سان،
پائي پاڪر ٻکيون.

٣
تنهنجون سهڻيون اکيون،
تن تي شاعرن شايد،
آهن وايون لِکيون.

۴
تنهنجون سهڻيون اکيون،
ڏسي تاب تن جو مون،

پنهنجون اکيون ڏَکيون.

٥
تنهنجون سهڻيون اکيون،
دنيا ڏڏي وئي منهنجي،
جڏهن پئي وَسيون.
٦
تنهنجون سهڻيون اکيون،
منهنجون اکيون تن اڳيان،
هر هر پئي جهڪيون.
٧
تنهنجون سهڻيون اکيون،
تن کي منهنجي اکين،
ڏنيون ڏاڍيون چميون.
٨
تنهنجون سهڻيون اکيون،
منهنجي ڏسڻ لاءِ آخر،
ايڏيون چو هن بکييون.
٩
تنهنجون سهڻيون اکيون،
کري قرب ويون مون تي،
اهي نَوَ لکيون.

❊





## چئوسٽا

ماکيءَ کان مٺي آهي،
هو ڏاڍي سٺي آهي،
محور عشق جو ‘جاويد’،
بس سنڌ جي مٽي آهي.

❊

مندر ۾ رکيل هڪ مورت جهڙي،
سادي سونهن سلوٽي عورت جهڙي،
ارمان نه هڪڙو پيو پورو ٿيو ٿيس،
دل جي حالت آهي پورهيت جهڙي.

❊

پيار لئه اظهار ضروري ناهي،
سور سان سهڪار ضروري ناهي،
بس دوست اندر کي اجاري ڇڏيو،
نيڻن مان وسڪار ضروري ناهي.

❊

راهه سچي هموار ضروري ناهي،
چوڏاري هيڪار ضروري ناهي،
سائين نتهڻ ۾ به گذاري وجبو،
هرپل کو تذکار ضروري ناهي.

❊

پيار کان انڪار ڪيئن ڪيان،
يار سان اظهار ڪيئن ڪيان،
دل چريءَ جون ڳالهيون چريون،
زندگي بيڪار ڪيئن ڪيان.

❊

توسان ڪهڙا ليکا ساڃن،
تپي وياسي ليکا ساڃن،
دليون قيد ڪرڻ جا توکي،
آهن ڪيئي طريقا ساڃن.

❊

تحريرون تڙپن پيون،
تقديرون تڙپن پيون،
خواب سمورا خوڪ ٿيا،
تعبيرون تڙپن پيون.

❊

دوستو گڏجو اچو هي ڪيون وچن،
آهه ڪرڻو سنڌ جو روشن صحن،
ناهه رهڻي ڪا هميشه ئي خزان،
بهار ڏس هاڻي اجهو ٿا گل ٽڙن.

❊





## نثري نظم/آزاد نظم

رات جي سنسان سناٽي ۾،
سارون ۽ ساروڻيون،
دل جي پيڙائن جا پيرا ڪٽي،
اندر جي ديوانن جون
پتيون ٽپي
دردن جي
ڊرائنگ روم تائين پهتيون،
جتي
هنن دردن جي ديوتائن کي
زمين تي
۽ عشق کي ريوالنگ چيئر،
تي مرڪندي ڏسي
شرم کان،
پيار جي پردن پويان،
پناهه ورتي
هميشه لاءِ.

❊

اڇو اڇو دوستو
ساٿ ڏرتيءَ جو ڏيو
ڪيڏي ڏسو ٿا ٻاڻ آ
جا امن منهن تي چماٽ آ
پيٽ بکيو ۽ ساهَ سڪلَ
ڇو اجان پيو پنهنجا ڇپ سبيل!!!؟
کهڙو هي نظام آ
ٿيو ديس ڏٺي غلام آ
هِتِ سڀ جو آهي جيءُ جُهريو
مڙس ٿيو ڪاتل ڪيو
ساٿ ڏرتيءَ جو ڏيو
هاڻي ڇپ ۾ ڪين گهاربو
ٻار نئون ڪو ٻاربو
ٻاڻ مٿيءَ ساڻ ملهائبو
جنهن جي ڪُکِ ۾ وِڄڻو آهي
ساٿ نہ تنهنجو ڇڏڻو آهي
اڇو ڪو گڏجي ڪيون ٻلو





هي ڪيسين هلندو سِلسِلو

موت پيو ايندو اوچتو
اڇو اڇو دوستو
ساٿ ڏرتيءَ جو ڏيو
جي ڏرتيءَ ڪارڻ شهيد ٿياسي
سمجهو ويل ڪان بچي پياسي
نہ جيون اجايو گهاريو
ڏسو وقت آ پڪاريو
سياڻا ٿيو ڏيان ڏريو
ساٿ ڏرتيءَ جو ڏيو
جي آزاد ديس ڏسڻو آ
۽ آزاديءَ سان رهڻو آ
هِتِ ڏاريو هڪ نَہ رهائيون
چونڊي چونڊي ماريون
هوشو ٿي للڪاريون
پنهنجا رنگ ولاريون
پنهنجو ٻاڻ ملهائبو
منهنجو عرض اگهائيو
اڇو اڇو دوستو
ساٿ ڏرتيءَ جو ڏيو
ساٿ............

❊

مان سمجهان ٿو تنهنجي احساسن کي
۽ تنهن جي جذبن کي
او سادڙا پيرين اگهاڙا
منهنجا قومي پاءِ
تنهنجي اکين جي ڳاڙهاڻ مان
ان ماٺ جي مانداڻ مان
مان سمجهان ٿو
مان سڀ سمجهان ٿو
بدامنيءَ جو راڪاس ٿو ڊوڙي
تنهن ڇڏيا هن ساهه پنوڙي
وري ڏرتيءَ تي رت وهيو آ
جان مان نڪري سڏ ويو آ
مان سمجهان سڀ سمجهان ٿو
تنهنجي غيرت منهنجي غيرت
ساڳي قومي غيرت آهي
ڇاجو نسل ڇاجي ذات
پنهنجو مقصد، سنڌوءَ ساٿ
سچل سامي، شاهه ڀٽائي
توکي سڏن ٿا مون کي سڏن ٿا
ڏرتي تي ڏر تتي ٿي پئي آ
اوکي هر هڪ ويل ٿي پئي آ
ماٺَ ۾ ڇو سهون عذاب
اچ ته بڻايون نئون سماج
جنهن جو آخري آهي علاج
انقلاب، انقلاب، انقلاب

❊





مان ڪو فرشتو ته
نه آهيان
جو
بي عيب هجان
مان ته
ان آدم جو اولاد آهيان
جنهن
يا خبر هوندي به
لذت گناهه کان
رهي نه سگهيو
۽
جنت مان ڌڪيو ويو
توکي غور ڪرڻ گهرجي
منهنجي ڏوهه تي
۽ مون لاءِ
نفرت تي

❊

آءِ ڄاڻان ٿو توکي
تون
اقتدار
جي حَوَسَ لاءِ
قوم پرستيءَ جا پوز هڻي رهيو آهين
توکي
خبر هئڻ گهرجي
هيءَ ڌرتي محبت جي ڌرتي آهي
ڇا توکي اسان جي
محبتن جي موت ڏئي
سگهندين؟؟؟!
اسان کان ته
اڃا
تنهنجي نانگ
جي هٿان سونهن ديويءَ خانه
گگوش جو ٿي بي ڏوهه قتل
وارو واقعو
وسري نه سگهيو آ

❊





شاهه او منهنجا ساهه
او فخر سونهن
تنهنجي نگريءَ جو آهيان رهواسي
پوءِ به حياتي پياسي پياسي!!!
تنهنجي در تي
سين هنئي آ
اُنهي ڪشڪول ٻين ڪنئي آ
تون ئي ڏي ڪو دان او سائين
تون ئي ڏي ڪو دان،
دنيا جاني دشمن ٿي پئي
جيئڻ به هاڻي ڪين ڏي پئي
تنهن ناهي ڪرڻو ناهه
شاهه او منهنجا ساهه
پيار ڪيو آ پاڻ کي پڌرو
هنيو آ تنهنجي در تي ڌرڻو
ڏئي ڇڏ اڄ ڳچ ڪو چاهه
شاهه او منهنجا ساهه
دوستو
جڏهن سين پڌائي
ڏسي ڏاڍو مرڪي ڏنائين
پيار سان منهنجو
دامن پريائين
ڏنائين پراڻ ميو ڏنائين
اهو اٿو شاهه جنهن ۾ منهنجو ساهه

❊

تو نہ تہ ڪنهن پئي جي
گهر جي زينت بڻجي وئينءَ
مان ميجان ٿو تنهنجو ڏوهہ نہ هو
تون بيوس هئينءَ
تنهنجي زندگيءَ جو فيصلو تنهنجي وڏن
توتي زوريءَ مڙهيو هو
تنهنجي
شاديءَ جي شرناين سان
منهنجي پيار جي ار ٿي
تنهنجي چانجن ڪنئي هئي
ها ياد اٿم
ڪجهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي
پر ڳالهہ
ڪنهن پڌايو تہ
تون پنهنجي شريعتي محبوب سان گڏ
منهنجي شهر ۾ اچي رهي آهين
ڇا ڪيو سمجهہ ۾ ڪجهہ نٿو اچي
تون تہ
منهنجي روح ڪي وسڪيءَ وانگر پي
لڙڪڙائي هلي وئينءَ
جسم ڪالي جڻ بوتل پيو لڳي
شل پچي پوان
يا پاڻ ئي اچي نئين ستم جو پٿر هڻي ٽڪرا ٽڪرا
ڪري ڇڏ.

❊





جيڪڏهن
تون مون کي نہ ملينءَ
تہ مان بہ ڪنهن کي نہ ملندس
مون کي تون چاهيو آهي
منهنجو شرير تنهنجي امانت رهندو
هن شرير تي هميشہ
تنهنجي چپن ۾ هٿن جي
روشني
چمڪندي رهندي
هنن نيڻن ۾
هميشہ تنهنجي ياد
ڪنهن تن ۾ واچوڙي جيان
گهوماٽيون ڪائيندي رهندي
۽ جيڪڏهن تون مون کي نہ ملينءَ تہ
مان هن سماج جي
سمورين رسمن سان
ٽڪر ڪائي پنهنجي وجود کي
تنهنجي ياد جو المناڪ ڪنڊر بڻائي ڇڏيندس

❊

ڪالهہ اچتو
اخبار ۾ تنهنجو
فوٽو سان گڏ انٽرويو ڏسي
ڏڏي ويس
منهنجي ذهن جي اڱام
پنج سال پوئتي وڃي
هڪدم رڪجي وئي
جيئن سيل ختم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ
گهڙيال جا ڪانٽا
همٿ هاري ويهي رهندا آهن
توسان گهاريل
شامون ۾ ڪيل انتظارن جون
يادون تري آيون
تنهنجي تصوير کي ڏسي
شاهہ صاحب جو بيت هر هر
منهنجي ڪنن ۾
گونجيو پئي تہ
”چنڊ تنهنجي ذات پاڙيان نہ پرينءَ سين“
”تون اڇو مَ رات سڄڻ نت سوجهرو“

❊





مان مڃان ٿو
پڪي پالڻ
تنهنجو ننڍپڻ جو شوق آهي
تون سڄو ڏينهن
انهن سان دل وندرائيندو آهين
پر
خدا جي واسطي
ڪنهن جوڙي کي هڪٻئي کان جدا نہ ڪجانءِ
تنهنجي منهنجي
ٻہ تہ
هڪ جوڙي آهي
ڇا آءُ چاهيندس؟
توکي مون کان ڪو ڌار ڪري.

❊

اي خدا تون تہ ڄاڻين ٿو
تہ مان
تنهنجي وجود جو قائل آهيان
او!
ڪائنات جا تخليقار مان
تنهنجي هر تخليق ڪي
تو وانگر چاهيو آهي
پر
هن سماج جا مفتي مون ڪي
ڪافر!
پيا چون
ڇو جو آءُ تنهنجي هٿن سان ناهيل
تخليق
جو پوڄاري آهيان

❊





او حقيقت ڪان
نا آشتا
ماڻهو
تون وڏي هام ٻري هئي
تہ
دريا جي سيني ڪي
چيري
ڦاڙي
آسانيءَ سان ٻئي
ٻئي ڪناري پهچي سگهين ٿو
پر توکي منهنجي
اندر ۾ هڪ
بکي ڏيڻ جي ڄاڻ ئي آهي
ڏيڻ اها
جنهن ۾ هزارين وجود دفن ٿيل آهن
او سائڻ
مان حقيقت جو انڪاري ناهيان.

❊

زندگي
عذابن جو هڪ اڻ کٽو سلسلو آ
جيڪا هٿ تي چٽيل ريکائن جيئان
ورن وڪڙن سان ڀرپور آ
۽
جنهن جي هڪ هڪ ڏڪ سان
انسان جو وجود ڇڻ
ٽپا ٿو لڳرائي
۽ مان
هن ٽپن سان جهڙوڪ چٽيل هجان
جنهن تي
تازو ٽپو ٿو هنيو آ
پنهنجي بيوفائن ۽
شڪوا ترازن جو

❊





## مهڪ

تو اڇڻ مهل
سوچيو هوندو
تہ مان توکي نہ ڏسي سگهندس
اڙي چريا
شايد
تون نٿو ڄاڻين
مان تنهنجي جسم جي مهڪ
تنهنجي اڇڻ کان اڳ ۾
محسوس ڪندو آهيان.

❊

## ڊَپُ

توکي پنهنجي ويجهو ڏسي
ڊڄان ٿو
سوچان ٿو
دنيا وارا ڏسي نہ وٺن
ڇو تہ ظالم صرف ظلم ئي سکيا آهن
ايئن نہ ٿئي جو ٻنهي کي جدا ڪن
تون بہ تڙپين
مان بہ پنهنجو وجود مٽائي ڇڏيان
ان ڪري مون سان ايڏو ويجهو نہ ٿي
مان ڊڄان ٿو
بس ضد ڇڏ
مون کي ڀلائي ڇڏ

❊





اڪيلي ڪمري ۾
تنهنجن يادن کي ٻيهر ياد ڪندي،
روئي ڏنم
ڊائري ۾ لکيل تنهنجا لفظ اکين جي سامهون هئا
جنهن جي پرسان تنهنجو نالو لکيل هو
غور ڪيم
تہ ٻنهي لفظن ۾ ڪيڏو فرق آهي!
شايد توکي ياد هوندو
تو لکيو هو
”پنهنجي لاءِ نہ پر ٻين لاءِ جيئڻ سک“
مان تہ ان ڏينهن کان پاڻ تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو
آ
مان تہ اڄ بہ تو لاءِ ٿو جيئان
پر تون.........................!!!!

❊

ڏرتيءَ تي ٽا ڪيڏا قهر ٽين
توکي خدا ڇا ٿيو آ
هو ڏس ڏس پوڙهو
غور سان ڏس
ماڻهن جي وچ ۾ بيٺل
اپ ڏاريندڙ دانهون ڪري رهيو آهي
جنهن کي تو پنهنجي طرفان
چار پٽ ڏنا هئا
اي خدا غور سان ٻڌ
چوندا آهن اولاد تنهنجي طرفان ڏنل نعمت
هوندي آهي
تہ پوءِ هن پوڙي کي
ڇا جي سزا ڏني اٿئي هن جي ننڍي پٽ کي
پاڻيءَ ۾ ٻوڙيئي
ڇو جو ڪک پن تنهنجي حڪم کانسواءِ نہ چرندو آهي
هن جي ماءُ اڄ تائين اپ ڏاريندڙ دانهون ڪري رهي
آهي
خدا توکي ڇا ٿيو آهي
ڪالهہ وري ساڳئي پيءُ جي ننڍي پٽ کي
وڏي پٽ جي هٿان سيني ۾ گولي هڻايئي
ڇو جو ڪک پن بہ تنهنجي حڪم کان سواءِ نہ چرندو آ
چوندا آهن ڪنهن کي مارڻ يا پيو ڪو فساد ڪرڻ
شيطاني ڪم آهي
خدا تون شيطان کي ختم ڇو نہ ٿو ڪرين
يا وري اهو مڃ تہ
هو تو کان گوءِ ڪڻي ويو آهي!





❊

منهنجي ڌرتي منهنجي ماتا،
گهور ڪرڻ لئہ سر هي آتا،
پٽ جي سائنڻ ، سر جا سودا،
ڪهڙا ليڪا ڪهڙا چوڪا.

❊

ٻلڻيءَ ٻلڻيءَ هي گيت مون ڳاتا،
گهور ٿيس جي توتان ممتا،
منهنجو جوڀن، نينهن ، نشيمن،
سڀ ڪجھ تو لئہ واريان توتان،
محبوبن کان مقدس آهين،
سنڌ منهنجو تقدس آهين.

❊

## مٿي تون مونکي تيار ڪر....

**سين پهريون**

رهزن وري رومڙ ڪئي،
اڇو تہ ساهيون سندرا،
مٿي تون مونکي تيار ڪر،
هاڻي آزاديءَ سان پيار ڪر،

❊

مون کي تنهنجن زلفن جوقسم،
۽ حسين مرڪن جوقسم،
مون لئہ تون اتم آهين،
سکي تون ئي دين ڌرم آهين،
پرهيءَ جيڪا ڌرتي آ،
سا پنهنجي پيار کان اوچي آ،

❊

سنڌ....!سرمد سمجهي سڏ ڪيو،
مون اڄ کان تنهنجو سنگ ڇڏيو،
جوڌن کي وري للڪاريو ويو،
لاش شهيدن جو ساڙيو ويو،
قربان پنهنجو ساهہ ڏنو،
روپلو هن سان گڏ سڙيو،





❊

مان ڪيئن رهان تنهنجي ياڪر ۾،
قومي موت آ اهڙي تاپر ۾،
قوم سان پنهنجو عشق اٿاهہ،
ماءِ سان يڏو ڏاڏ انياءِ....!
هي ڪير ڪو ڏسندو ويهي لقاءِ،
مٺ تو کان ڪيان پيو الوداع،
مهنجا پٽ بہ تيار ڪجان،
۽ سنڌ تان تون قربان ڪجان.

❊

**سين نمبر ٻيو**

مٺا مان تنهنجي محبوبا هان،
تو ساڻ پل پل نينهن نڀايا،
پنهنجو پيار قربان ڪيان،
گڏجي تو سان ساهہ ڏيان،
ڏس پنهنجو پاڻ تيار ڪيم،
هڪل ڪئي تو هلي آيم،

❊

هاڻي هار سينگارجي ڳالهہ نہ
ڪيون،
اٿ هٿيار ۽ بارود کڻون،
ويڙهہ گڏجي وڙهڻي آهي،
زندگي هونءَ بہ وڃڻي آهي،

بس ڳاله هتي هڪ رهڻي آهي،

❊

مون کي تنهن کا نفرت آهي،
جنهن ۾ قومي غيرت ناهي،
پنهنجو پيار قربان ڪيون،
هر هر سنڌ تان سر ڏيون،
ماريون،ماريون ۽ ماريون،
ڌرتيءَ جو هر ويري ماريون،

❊

پنهنجي پوتي سندرو ڪيان ٿي،
اهڙي اڄ مان ويڙهه وڙهان ٿي،
توسان گڏجي آءُ هلان ٿي،
جي ٻئي ويڙهه ۾ ماريا ويا سين،
هي جاڙا جيون گهور ڪيا سون،

❊

پوءِ پنهنجو پيار اتم آهي،
نه ته پيار ڪهاڻي ختم آهي،
موت اهڙو ٻڌائين ڪيون ٿا،
جنهن کي موت نه ماري سگهندو،
۽ ڪوبه نه لاشا ساڙ سگهندو،
اٿندو هر انسان هي اٿندو،
پوط ئي پنهنجو پيار امر آ....

❊





**سين نمبر ٽيون**

ڀل جان پاڻ ننڍڙا آهيون،
جيجل تنهنجا ٻچڙا آهيون،
بابل توکي سڏ ڪيو،
مون ڀيڻ سڏي ۽ ڀاء سڏيو،
ڌرتيءَ لئه هي ڪنڌ ڪٽو،
سنڌ ڪان ناهي سر مٿو،
گڏجي اهڙ جنگ ڪيون،
هلي ويرين جا ٿا ڪنڌ ڪپيون....

❊

**سين نمبر چوٿون**

هو آ سرمد تون آن ٻاگهي،
هي ٻچڙا عشق جا آهن ساڪي،
اهڙي ويڙهه جي صورت کي،
هن عشق جي اهڙي مورت کي،
مون داد ڏنو مون پت ڇڏي،
منهنجي هٿن سان تيار ٿيو،
آءُ به اوهان سان گڏ هلان ٿو،
منهنجو وايون منهنجا بيت،
ٻڇيون ڀالا نيٽ ٻٽيا،
باقي سڀ کي آءُ سڏيان ٿو،
آزاديءَ جي سين هٽان ٿو،
منهنجي سڏ ۾ سڏ جي ڏيندا،
سيئي هاٽي سنڌ جا سڏبا،
سيئي هاٽي سنڌ جا سڏبا.....

❊

شهيد قربان کهاوڙ ۽ شهيد روپلو چولياڻي جي شهادت تي

## مڌ ڪئي آ رهبري ۽ هوءِ اسان جي دلبري

ساهن ۾ سانڍڻ جهڙي ڇوڪري،
منهنجي ڇاتيءَ جي وشال ڌرتيءَ تي،
را ت جي سانت ۾،
مکڙين نما پنهنجن چپن سان چمندي رابيلن جا گلدستا ٽاهيندي رهي،
ان ساعت مونکي ائين لڳو،
ڪائنات جا انڌلٽي رنگ،
هن جي ڳاڙهن ڳٽول ڳٽن ۾ سمائجي چڻ اڌارا ساهه ڪٽي رهيا هئا..........!
سچ پچ هوءِ ڇوڪري منهنجي سپنن جي پوپري،
بلڪل گلن جي ٽوڪري......

جام اسانجي جان بڻيو،
جنهن سان پنهنجو جيءُ جڙيو.......
پئمانن جي ڳاله نه ڪر،
متڪن کان گهٽ ناهي گذر.......!
مئخاني ۾ موهت ٿيا سين،
مئخارن سان روح رليو.

پنهنجو جيون جاڙو جيون، پورو جيون سارو جيون ،
ڳاڙهو،سائو،پيلو جيون،عاشقيءَ جي رنگ رتو.

مئڪشِي ۽ مهجبين جاڙ جيون جي مڳي....!





مڌ ڪئي آ رهبري ۽ هوءِ اسانجي دلبري،پوري حياتي ڦلجهڙي،
ڪينئن چوان اجائي آهي پوري عمر سجائي آهي،

مون رڙ ڪئي هن رهڙ ڏني،جو ضبط ڪيم واهر ملي ،
ڪڏهن وٽي، ڪاٽي ملي؟ پر جيون پر جو ساهه بڻي،
مدهوشيءَ جي ڳاله نه ڪر موکي تنهنجو ناهي مٽل،
هيءَ حياتي ڪوڙ حياتيون،پنهنجو سپنو ساڳو سپنو،
من آ پنهنجو تولئه آتو،عشق اسانجو هر ڪنهن ڄاتو،

آ پيار اسانکي ڏات ڏني،جيون پر لئه جوت جلي،
عشق اياڻو هاءِ نماڻو،ڪشتي پار اڪاري ويو،
مونسان نينهن نڀائي ويو... ها مونسان نينهن نڀائي ويو......

سپنن سان پنهنجي ياري آهي
ها متي مان پاڳل آهيان،
پر تو ۾ ڪيڏو شامل آهيان،؟
خوابن خيالن تخليقن ۾،
مون ۾ تون ۽ تو ۾ مان هان،
ديوي جاٽي سيس نوايان،
پل پل پيار جو پوڄا پايان،
چم چم چيرون پيو چمڪايان،
شل ناچو تي مان نينهن نڀايان،

❊

نينهن اسانجو رهبر آهي،
بس عشق ادب ۽ دلبر آهي،
ڪوپي پل اجايو ناهي،
هر هڪ ساهه سجايو آهي،
توسان پنهنجو ناتو اهڙو،
ڪير مڪڻ ۽ ماڪيءَ جهڙو،
اجري من جون سوچون ساڪي،





ڏاڏو پيار نڀايو آهي ڏاڏو پيار نڀايو آهي،

❊

جو دل ۾ آيم ڪين لڪايم،
عشق چيو ۽ سيس نمايم،
توکي سپ ڪا ڳاله ٻڌايم،
مشق ڪان وڌ آ عشق جي خوشبو،
ڪونه لڪي ۽ ڪين لڪايم،
هر هر ، هر هنڌ تنهنجو سڏايم،
گيت غزل ۽ وايون ٻڌجي،
بستي بستي توکي ڳايم،

❊

تنهنجون مرڪون روشن راهون،
توسان ئي سپ پيار جون شامون،
پاڻ ٿيا سين آمهون سامهون،
لونءِ لونءِ اپري ، اپريل چاتيون،
جسم سمورو پاڪيون پاڪيون،
بس روز جي هيءَ ڪهاڻي آهي،
سپنن سان پنهنجي ياري آهي،

❊









**جاويد جوکيو** سنڌ جو نوجوان ڪالم نگار ۽ شاعر ته آهي پر هنن خوبين کان وڌيڪ هن جي دوستاڻيءَ جي خوبي اهم آهي، سندس ڪالمن جيان سندس ڳالهيون به وسيع هونديون هيون، جيئن گهر جو وسيعُ آڳر هوندو آهي، جنهن ۾ هڪڙو چنڊُ چمڪي روشني پکيڙيندو آهي، جاويد جوکيو پنهنجي شاعريءَ جي سڳنڌي سٽن جيان هڪ سُرهي شخصيت هو، هن جي ٻاڪرن ۾ پنهنجائپ ۽ هن جي اکين ۾ سدائين پيار پيو چمڪندو هو.

هو جوانيءَ ۾ وڇڙي اسان جا ته ٻاڪر خالي ڪري ويو پر اُجارو پنهنجي ان تخليقي قلم کي به ڪري ويو، جنهن کي اڃان ويچارن سان ڀريل ڪالم لکڻا هئا، جنهن کي اڃان سهڻيءَ جي حسن جهڙي شاعري ڪرڻي هئي.

**وسيم سومرو**
سياري جي رات
25_12_2016





# سمبارا پبليڪيشن پاران شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. هاءِ هنيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي | 200/- |
| 2. سمنڊ ۾ سپ | (شاعري) | سرڪش سنڌي | (ختم ٿيل) |
| 3. اڌوري رچنا | (شاعري) | منظور سمون | 50/- |
| 4. ٻاراڻي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | هاشم لطيفي | 300/- |
| 5. شاهه عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين | (ختم ٿيل) |
| 6. هوائن جي هندوري ۾ | (شاعري) | وفا عظيم جلباڻي | 200/- |
| 7. اوجاڳيل آڱريون | (شاعري) | امر منصور چوهاڻ | (ختم ٿيل) |
| 8. مُرڪون محبوبن جون | (شاعري) | "شاد" جلباڻي | 150/- |
| 9. رڻ رڙيون ٿو ڪري | (شاعري) | نسرين الطاف | 200/- |
| 10. غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو | 200/- |
| 11. شاهه لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ | 250/- |
| 12. ڪنيس ڪويجن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري | 200/- |
| 13. دادلوءِ: تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين "فدا" | (ختم ٿيل) |
| 14. سويرن جا اُلڪا | (شاعري) | ملزم سومرو | 200/- |
| 15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريڊيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي | (ختم ٿيل) |
| 16. مٽيءَ جو آسمان | (شاعري) | علي اظهار | 150/- |
| 17. ڇا؟ | (شاعري) | منظور سمون | 50/- |
| 18. سار جا رستا | (شاعري) | فرحان اڃڻ | 200/- |
| 19. اکين ۾ مند ميهنوڳي | (شاعري) | سائل پيرزادو | 200/- |
| 20. سُڌِ سچل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي | 200/- |
| 21. بچھڑي آنکھ کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو | 150/- |
| 22. ٻانڊي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي | 300/- |
| 23. پياسيءَ جون پڪارون | (شاعري) | شاهن "پياسي" گبول | 400/- |
| 24. هينئڙي منجهه هڳاءُ | (شاعري) | مخمور رضا | 200/- |
| 25. اُماس راتيون اداس رستا | (شاعري) | فهميده شرف بلوچ | 300/- |
| 26. دل صحرا، سمنڊ اکيون | (شاعري) | شاد جلباڻي | 150/- |
| 27. ڀهه ڀهه ڪندڙ ٻالڪ | (ٻاراڻي شاعري) | اويس ڀٽو | 50/- |
| 28. انگلش گرامر | (گرامر) | علي رضا سيال | 150/- |
| 29. فوٽو گرافر جي آتم ڪٿا | (آتم ڪٿا) | غلام علي ڪوساڻي | 400/- |
| 30. جانورن جو واڙو | (پرڏيهي ناول) | اياز ڀٽو | (ختم ٿيل) |
| 31. گيڙوءَ رتا خواب | (شاعري) | واحد سوز ملاح | 250/- |
| 32. من گهريو مشتاق بخاري | (مضمون/تاثرات) | احسان راهوجو | 150/- |
| 33. مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ | (شاعري) | زخمي چانڊيو | 400/- |
| 34. جيئڻ جنين ڪاڻ | (ڪهاڻيون) | اقبال بلوچ | 200/- |
| 35. شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعر | (تحقيق) | شبير پيراهين | 300/- |
| 36. تاريخ گبول بلوچ | (تحقيق) | شبير حسن گبول | 600/- |
| 37. ڪوي ڪشمور جا | (شاعري) | ساحر سليم اوڳاهي | 250/- |
| 38. افضل عورت | (اسلامي معلومات) | ربڏنو خاصخيلي | (ختم ٿيل) |
| 39. روح جون رولاڪيون | (شاعري) | صالح عباسي | 200/- |
| 40. سنڌ جي مزاحمتي شاعري | (شاعري) | پاويل جوٽيجو | 300/- |
| 41. اوڙويهه عالمي ڪهاڻيون | (عالمي ڪهاڻيون) | عبدالخالق سنديلو | 150/- |
| 42. ڪوهيڙي جي چُمي | (شاعري) | ماڻڪ ملاح | 150/- |
| 43. چانهونءَ مٿان چنڊ | (شاعري) | علي نواز ڏاهري | 250/- |
| 44. آس جا گل ٽياس تي | (شاعري) | ملهار سنڌي | 200/- |
| 45. عشق اياڻو | (شاعري) | جاويد جوکيو | 100/- |